قرآني بيان

# فيضانِ رمضان شريف

(سيپارو:2، سوره احزاب: 185)

مدني مراڪز (فيضانِ مدينه)

۽ شعبه امام مساجد (دعوتِ اسلامي)

جي تحت مسجدن جي لاءِ

13 فيبروري، 2026ع

( متوقع اسلامي تاريخ:24 شعبان شريف1447هه)

جمعة المبارڪ جو

**مدني مراڪز(فيضانِ مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 13 فيبروري، 2026ء ( متوقع اسلامي تاريخ:24 شعبان شريف 1447ھ) جمعة المبارڪ جو**

**قرآني بيان**

**بنام**

(سيپارو:2، سوره احزاب: 185)

# فيضانِ رمضان شريف

هن بيان ۾ توهان چاٽي سگهندؤ...

✿ ... سون جي دروازي وارو محل

✿ ... ٻاھ جي پوڄاري تي رحمت

✿ ... سڄي سال جون نيڪيون برباد

✿ ...قبر جو خوفناڪ منظر!

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله    وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درود نہ پڙهڻ وارو بدبخت آهي

سُلطان مکہ، تاجدار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان عاليشان آهي:

❁ جنهن شخص رمضان المبارڪ جو بابرڪت مهينو پاتو ۽ پوءِ بہ ان جا روزا نہ رکيائين، تہ اهو وڏو بدبخت آهي ❁ جنهن پنهنجي والدين يا ڪنهن هڪ کي پاتو ۽ انهن سان سٺو سلوڪ نہ ڪيو اهو بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي ❁ جنهن وٽ منهنجو ذِڪر ٿيو ۽ ان مون تي درود نہ پڙهيو اهو بہ شَقِي (يعني بدبخت) آهي.[1]

کعبہ کے بدرُ الدّجیٰ تم پہ کروڑوں درود    طیبہ کے شمسُ الضُّحیٰ تم پہ کروڑوں درود
تم سے جہاں کا نِظام، تم پہ کروڑوں سلام    تم پہ کروڑوں ثنا، تم پہ کروڑوں درود[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ... معجم اَوْسط، جلد:3، صفحہ:62، حديث:3871۔

[2] ... حدائق بخشش، صفحہ:264-269 ملتقطًا۔

پيارا ا سلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اسان جي خوش قسمتي آهي جو زندگي ۾ هڪ ڀيرو وري عظمَت وارو، رحمت وارو، برڪت وارو، مغفرت وارو مهينو ماهِ رمضان ڪريم تشريف ڪٽي اچي رهيو آهي.

| | |
|---|---|
| مرحبا! صد مرحبا! پھر آمدِ رمضان ہے | کھل اُٹھے مرجھائے دِل، تازہ ہوا اِیمان ہے |
| یاخُدا ہم عاصیوں پر یہ بڑا اِحسان ہے | زِندگی میں پھر عطا ہم کو کیا رمضان ہے |
| اَبْرِ رحمت چھا گیا ہے اور سماں ہے نور نور | فَضْلِ رَبّ سے مغفرت کا ہو گیا سامان ہے |
| ہر گھڑی رَحْمت بھری ہے، ہر طرف ہیں برکتیں | ماہِ رمضان رحمتوں اور برکتوں کی کان ہے |
| یاالٰہی! تُو مدینے میں کبھی رمضاں دکھا | مُدَّتوں سے دِل میں یہ عطّار کے ارمان ہے (1) |

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رَمَضَان جي فيضَان جو ڇا چئجي! ان جي تہ هر گھڙي رحمت ڀري آهي. هن مهيني ۾ اَجر ۽ ثَواب تمام گھڻو وڌي ويندو آهي. نَفل جو ثواب فَرض جي برابر ۽ فَرض جو ثواب 70 ڀيرا وڌايو ويندو آهي بلڪ هن مهيني ۾ تہ روزيدار جو سمهڻ بہ عبادت ۾ شمار ڪيو ويندو آهي. عَرش کڻڻ وارا فِرشتا روزيدارن جي دُعا تي آمين چوندا آهن.

## عبادت جو دروازو

روزو باطِني عِبادت آهي، ڇوتہ اسان جي ٻڌائڻ جي بغير ڪنهن کي به عِلم نٿو ٿي سگهي تہ اسان جو روزو آهي ۽ الله پاڪ باطِني عِبادت کي

1...وسائل بخشش، صفحہ:705-706 ملتقطًا.

گهڻو پسند فرمائيندو آهي. هڪ حديثِ پاڪ جي مطابِق روزو عِبادت جو دروازو آهي. [1]

## نزولِ قرآن

رمضان ڪريم جي هڪ خُصُوصِيَّت هي بہ آهي تہ اللّٰہ پاڪ ان ۾ قرآن پاڪ نازل فرمايو آهي. جيئن تہ مُقدّس قرآن ۾ اللّٰہ رَحمٰن جو فرمان عاليشان آهي:

شَهْرُ رَمَضَانَ الَّذِیْۤ اُنْزِلَ فِیْهِ الْقُرْاٰنُ هُدًى لِّلنَّاسِ وَ بَیِّنٰتٍ مِّنَ الْهُدٰى وَ الْفُرْقَانِۚ فَمَنْ شَهِدَ مِنْكُمُ الشَّهْرَ فَلْیَصُمْهُؕ وَ مَنْ كَانَ مَرِیْضًا اَوْ عَلٰى سَفَرٍ فَعِدَّةٌ مِّنْ اَیَّامٍ اُخَرَؕ یُرِیْدُ اللّٰهُ بِكُمُ الْیُسْرَ وَ لَا یُرِیْدُ بِكُمُ الْعُسْرَ٘ وَ لِتُكْمِلُوا الْعِدَّةَ وَ لِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ وَ لَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ۝۱۸۵ (سيپارو: 2، البقرة: 185)

ترجموڪنزُ العرفان: رمضان جو مهينو آهي جنهن ۾ قرآن نازل ڪيو ويو جيڪو ماڻهن جي لاءِ هدايت ۽ رهنمائي آهي فيصلي جي روشن ڳالهين (تي مشتمل آهي) پوءِ توهان مان جيڪو اهو مهينو ماڻي تہ ضرور ان جا روزا رکي ۽ جيڪو بيمار هجي يا سفر ۾ هجي تہ اوترا روزا بين ڏينهن ۾ رکي، اللّٰہ توهان تي آساني چاهي ٿو ۽ توهان تي ڏکيائي نٿو چاهي ۽ (هي آسانيون ان لاءِ آهن) تہ جيئن توهان (روزن جو) تعداد پورو ڪريو ۽ تہ جيئن توهان هن ڳالھ تي اللّٰہ جي وڏائي بيان ڪريو جو ان توهان کي هدايت ڏني ۽ تہ جيئن توهان شڪر گذار بڻجي وڃو.

[1]... جامع صغير، صفحه:146، حديث:2415۔

# رمضان جي تعريف

هن آيتِ مُقدّسه جي اِبْتِدائي حِصّي شَهۡرُ رَمَضَانَ الَّذِیۡ جي حوالي حڪيمُ الْاُمَّت مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه تَفسِيرِ نعيمي ۾ فرمائن ٿا: ❀رَمَضَان يا تہ رحمٰن جيان الله پاڪ جو نالو آهي، ڇوتہ هن مهيني ۾ ڏينهن رات الله پاڪ جي عِبادت ٿيندي آهي. تنهنڪري هن کي شَهرِرَمَضان يعني الله پاڪ جو مهينو چيو ويندو آهي. جيئن مسجد ۽ ڪعبي کي الله پاڪ جو گهر چوندا آهن تہ اتي الله پاڪ جا ئي ڪم ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح رَمضَان الله پاڪ جو مهينو آهي تہ هن مهيني ۾ الله پاڪ جا ئي ڪم ٿيندا آهن. روزا تراويح وغيره تہ آهن ئي الله پاڪ جا. پر روزي جي حالت ۾ جيڪا جائز نوڪري ۽ جائِز تجارت وغيره ڪئي ويندي آهي اهي بہ الله پاڪ جا ڪم قرار ڏنا ويندا آهن. ان ڪري هن مهيني جو نالو رَمَضَان يعني الله پاڪ جو مهينو آهي ❀يا هي رَمۡضَاء مان مُشْتَق (يعني نهيل لفظ) آهي. رَمۡضَآءٌ موسِمِ خَريف (يعني ڪَتيءَ يا سرءُ) جي بارِش کي چوندا آهن، جنهن سان زمين ڌوپجي ويندي آهي ۽ رَبِيع (يعني بهار/ چيٽ) جو فَصل خوب ٿيندو آهي. ڇو تہ هي مهينو بہ دل جي ڪٽُ ميراڻ ڌوئي ڇڏيندو آهي ۽ ان سان عملن جي کيتي سدائين سرسبز ۽ شاداب رهندي آهي ، تنهنڪري ئي ان کي ”رمضان“ سڏيو ويندو آهي. ساوڻ ۾ روزانو مِنهن وسڻ گهرجن ۽ بدي ۾ رڳو چار. وري آڪاڙ ۾ هڪ وسڪارو. ان هڪ سان ئي فصل پچي راس ٿي ويندا آهن. تہ اهڙيءَ ريت يارهن مهينا لاڳيتو نيڪيون ٿينديون رهيون. تہ اهڙيءَ طرح 11 مهينا برابر نيڪيون ڪيون وينديون رهن. پوءِ رَمَضَان جي روزن انهن نيڪين جي پوک

ڪي پڪو ڪري ڇڏيو ❀ يا هي رَمْض مان نڪتل آهي جنهن جي معنىٰ آهي گرمي يا سڙڻ. ڇو ته ان ۾ مُسلمان بک اُڃ جي تپش برداشت ڪندا آهن يا هي گناهن کي ساڙي ڇڏيندو آهي، ان ڪري ان کي رَمَضَان چيو ويندو آهي.

[1] نبي ڪريم، رؤفٌ رّحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: هن مهيني جو نالو رَمَضَان رکيو ويو آهي ڇو ته هي گناهن کي ساڙي ڇڏيندو آهي. [2]

## سون جي دروازي وارو محل

حضرت ابو سعيد خُدري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ۞ جڏهن ماهِ رَمَضان جي پهرين رات ايندي آهي ته آسمانن ۽ جنّت جا دروازا کوليا ويندا آهن ۽ آخري رات تائين بند ناهن ٿيندا ۞ جيڪو ڪو به ٻانهو هن ماهِ مبارڪ جي ڪنهن به رات ۾ نَماز پڙهندو آهي ته الله پاڪ ان جي هر سَجْدي جي عِيوَض (يعني بدلي ۾) ان لاءِ 15 سئو نيڪيون لکندو آهي ۽ ان جي لاءِ جنّت ۾ ڳاڙهي ياقُوت جو اهڙو گهر ٺاهيندو آهي. جنهن ۾ 60 هزار دروازا هوندا ۽ هر دروازي جا ڦاٽڪ سونَ جا ٺهيل هوندا جن ۾ ڳاڙها ياقوت جَڙيل هوندا ۞ پوءِ ڪو به ماه رَمَضان جو پهريون روزو رکندو آهي ته الله پاڪ مهيني جي آخري ڏينهن تائين ان جا گُناهه مُعاف فرمائي ڇڏيندو آهي ۽ ۞ ان لاءِ صبح کان شام تائين 70 هزار فِرِشتا دُعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن ۞ رات ۽ ڏينهن ۾ جڏهن به هو سَجدو ڪندو آهي ان جي هر سَجْدي جي عِيوَض (يعني بدلي) ان کي (جنّت ۾) هڪ

---

[1]... تفسير نعيمى، پاره:2، سورهٔ بقرة، زير آيت:185، جلد:2، صفحه:322۔

[2]... كنز العُمّال، جلد:8، صفحه:217۔

اهڙو وڻ عطا ڪيو ويندو آهي جو ان جي ڇانوَ ۾ گهوڙي سوار 5 سئو سال تائين هلندو رهي. (1)

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! ربّ ڪريم جو ڪيڏو نه عظيم اِحسان آهي جو هن اسان کي پنهنجي حبيبِ ذيشان، رَحمتِ عالميان صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ماهِ رَمَضان عطا فرمايو ته هن ماهِ مُڪَرّم ۾ جنّت جا سمورا دروازا کُلي ويندا آهن. ۽ نيڪين جو اَجُر خوب وڌي ويندو آهي. بيان ڪيل حديث جي مُطابِق رمضان ڪريم جي راتين ۾ نَماز ادا ڪرڻ واري کي هر هڪ سَجْدي جي بدلي ۾ 15 سئو نيڪيون عطا ڪيون وينديون آهن ۽ جنّت جو عظيم الشّان مَحل ان کان علاوه. هن حديثِ مُبارَڪ ۾ رَوزيدارن لاءِ هي وڏي بِشارت به مَوجُود آهي ته صُبح کان شام تائين 70 هزار فرشتا انهن لاءِ دُعاءِ مَغفِرت ڪندا رهندا آهن.

## پنج خصوصي ڪرم

حضرت جابِر رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي ته الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: منهنجي اُمّت کي ماهِ رَمَضان ۾ 5 شيون اهڙيون عطا ڪيون ويون جيڪي مون کان پهريان ڪنهن نبي عَلَيۡهِ السَّلام کي نه مليون: (1): جڏهن رمضان ڪريم جي پهرين رات ٿيندي آهي ته الله پاڪ انهن ڏانهن رَحمت جي نَظَر فرمائيندو آهي ۽ جنهن ڏانهن الله پاڪ رَحمت جي نظر فرمائي ان کي ڪڏهن به عذاب نه ڏيندو (2): شام جي وَقت انهن جي وات جي بوءِ (جيڪا بک جي ڪري ٿيندي آهي) الله پاڪ وٽ مُشڪ جي خوشبو کان به بهتر آهي (3): فِرشتا هر رات ۽ ڏينهن انهن لاءِ مغفرت جون

[1]... شُعَبُ الايمان، جلد:3، صفحه:314، حديث:3635 خلاصةً.

دعائون ڪندا رهندا آهن (4): الله پاڪ جنّت کي حڪم فرمائيندو آهي، منهنجي (نيڪ) ٻانهن لاءِ مُزيَّن (يعني آراستہ) ٿي وڃ جلد ئي هو دنيا جي مشقت کان منهنجي گهر ۽ ڪرم ۾ راحت ماڻيندا (5): جڏهن ماهِ رَمَضان جي آخري رات ايندي آهي تہ الله پاڪ سيني جي مغفرت فرمائي ڇڏيندو آهي. قوم مان هڪ شَخص اٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ڇا هي لَيلَةُ القَدر آهي؟ ارشاد فرمايو: نہ ڇا توهان نٿا ڏسو تہ مزدور جڏهن پنهنجي ڪمن کان فارِغ ٿي ويندا آهن تہ انهن کي اُجرت ڏني ويندي آهي. [1]

## رمضان جو ديوانو

مُحَمَّد نالي هڪ ماڻهو سڄو سال نَماز نہ پڙهندو هو. جڏهن رَمَضان شريف جو بابرڪت مهينو ايندو هو تہ هو صاف سٿرا ڪپڙا پائيندو هو ۽ پنج ئي وَقت پابندي سان نَماز پڙهندو هو ۽ گذريل سال جي قَضا نَمازون بہ ادا ڪندو هو. ماڻهن ان کان پڇيو: تون ائين ڇو ڪندو آهين؟ ان جواب ڏنو: هي مهينو رحمت، بَرَڪت، تَوْبَہ ۽ مغفِرت جو آهي، شايد الله پاڪ مون کي منهنجي ان عمل جي سبب بخشي ڇڏي. جڏهن ان جو انتقال ٿي ويو تہ ڪنهن ان کي خواب ۾ ڏسي پُڇيو: مَافَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ تو سان ڇا مُعاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو: منهنجي الله پاڪ مون کي اِحتِرامِ رَمَضان شريف بجا آڻڻ جي سبب بخشي ڇڏيو. [2]

---

1... شعب الايمان، جلد:3، صفحہ:303، حديث:3606۔

2... دُرَّةُ النَّاصحين، صفحہ:8۔

## الله بي نياز آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! ذرا غور ڪريو! الله پاڪ ماهِ رَمَضان جي قَدر دانن تي ڪيڏو نه مهربان آهي جو سال جا باقي مهينا ڇڏي صرف ماهِ رَمَضان ۾ عبادت ڪرڻ وارن جي مغفِرت فرمائي ڇڏي. هن حِڪايت مان ڪٿي ڪو هي نه سمجهي ويهي ته هاڻي ته (مَعَاذَالله) سڄو سال نمازن جي ڇُٽي ٿي وئي! صِرف رمضان ڪريم ۾ روزا ۽ نماز ادا ڪري وٺنداسون ۽ سڌا جنّت ۾ هليا ويندا سين. پيارا اسلامي ڀائرو! دراصل بخشڻ يا عذاب ڪرڻ هي سڀ ڪجهه الله پاڪ جي مشيت تي موقوف آهي. هو بي نياز آهي. جيڪڏهن چاهي ته ڪنهن مسلمان کي بظاهر ننڍي نيڪ عمل تي ئي پنهنجي فضل سان بخشي ڇڏي ۽ جيڪڏهن چاهي ته وڏين وڏين نيڪين جي باوُجُود ڪنهن کي محض هڪ ننڍي گُناهه تي پنهنجي عدل سان پڪڙي. سيپارو:3، سُورت بقره جي آيت نمبر 284 ۾ ارشاد ربِّ ڪريم آهي:

فَيَغْفِرُ لِمَنْ يَّشَآءُ وَيُعَذِّبُ مَنْ يَّشَآءُ ؕ

(سيپارو: 3، البقرة: 284)

ترجموڪنزُالعرفان: سو جنهن کي چاهيندو بخشي ڇڏيندو ۽ جنهن کي چاهيندو سزا ڏيندو.

تو بے حساب بخش کہ ہیں بے شمار جرم
دیتا ہوں واسطہ تجھے شاہِ حِجاز کا

## جنّت جا دروازا کلي ويندا آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ رَمَضان ته ڇا ايندو آهي رحمت ۽ جنّت جا دروازا کُلي ويندا آهن، دوزخ کي تالا لڳي ويندا آهن ۽ شيطان قيد ڪيا ويندا آهن.

جيئن تہ حضرت ابوھُريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: رسولِ اڪرم، نُورِ مُجَسَّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي خُوش خبري ٻڌائيندي ارشاد فرمائيندا هئا تہ رَمَضان جو مهينو اچي ويو آهي جيڪو تمام ئي بابرڪت آهي. اللّٰه پاڪ ان جا روزا توهان تي فَرض ڪيا آهن، ان ۾ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن. ۽ جهنّم جا دروازا بند ڪيا ويندا آهن. سرڪش شيطانن کي قَيد ڪيو ويندو آهي. ان ۾ هڪ رات شبِ قَدْر آهي، جيڪا هزار مهينن کان وڌيڪ آهي جيڪو ان جي ڀلائي کان محروم ٿيو اهو ئي محروم آهي. (1)

## باه جي پوڄاري تي رحمت

بخارا ۾ هڪ مجوسي (باھ کي پوڄيندڙ) رهندو هو، هڪ ڀيرو رَمَضان شريف ۾ هو پنهنجي پٽ سان گڏ مسلمانن جي بازار مان گُذري رهيو هو. ان جي پٽ ڪا شيءِ سرعام کائڻ شُروع ڪري ڇڏي. مَجوسي جڏهن هي ڏٺو تہ پنهنجي پٽ کي هڪ چماٽ وهائي ڪڍي ۽ دڙڪا ڏيندي چيو. توکي رمضان ڪريم جي مهيني ۾ مسلمانن جي بازار ۾ کائيندي شرم نہ ٿو اچي؟ ڇوڪري جواب ڏنو: ابا جان! اوهان بہ تہ رَمَضان شريف ۾ کائيندا آهيو. والد چيو: مان مسلمانن جي سامهون نہ پنهنجي گهر جي اندر لڪي کائيندو آهيان، هن ماهِ مبارڪ جي بي حُرمتي ناهيان ڪندو. ڪجهہ عرصي کان پوءِ ان شخص جو اِنتِقال ٿي ويو. ڪنهن خواب ۾ ان کي جنّت ۾ گهمندي ڏٺو تہ حيرت مان پُڇيو: تون تہ مَجوسي هئين، جنّت ۾ ڪيئن اچي وئين؟ چوڻ لڳو: واقعي مان مَجوسي هئس پر جڏهن موت جو وَقت ويجهو آيو تہ اللّٰه

---

[1]... نَسائي، صفحه:355، حديث:2103۔

پاڪ اِحتِرامِ رَمَضان جي بَرَڪت سان مون کي ايمان جي دولت سان ۽ مرڻ کان پوءِ جنّت سان سرفَراز فرمايو.[1]

## رمضان ڪريم جو ادب ڪندا...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان؟ رمضان ڪريم جي تعظيم جي سَبَب هڪ باهه جي پوڄاري کي الله پاڪ نہ صرف اِيمان جي دَولت سان نَوازيو بلڪ ان کي جنّت جي لازَوال نعمتن سان بہ مالا مال فرمايو. هن واقِع مان خُصوصاً اسان جي انهن غافِل اِسلامي ڀائرن کي عبرت جو دَرس حاصِل ڪرڻ گهرجي جيڪي مسلمان هئڻ جي باوُجُود رمضان ڪريم جو بلڪل اِحتِرام ناهن ڪندا. ڀهريان تہ هو روزا ناهن رکندا، پوءِ چوري ۽ سينہ زوري اهڙي جو روزيدارن جي سامهون ئي سگريٽ جا ڪش هڻندا، پان چٻاڙيندا، ايستائين جو ڪجهہ تہ ايترا بيباڪ ۽ بي مُروَّت هوندا آهن جو سرِ عام پاڻي پيئندا بلڪ کاڌو کائيندي بہ ناهن شرمائيندا. ياد رکو! رمضان ڪريم ۾ ڏينهن جو بغير ڪنهن مجبوري جي اعلانيہ طور تي جاڻي واڻي کائڻ واري لاءِ شريعت ۾ انتهائي سخت سزا آهي.

## ڇا اسان کي مرڻو ناهي؟

پيارا اسلامي ڀائرو! مسلمانو! هوش ۾ اچو! ڪيترو وقت هن دنيا ۾ عيش ۽ عشرت ڪندا رهندا؟ ؟ ڇا اسان کي مرڻو ناهي؟ ڇا هن دنيا ۾ هميشہ اهڙي طرح آوارا ڦرندا وتنداسين؟ ياد رکجو! **ڪڏهن نه ڪڏهن موت ضرور ايندو ۽ اسان جي حياتيءَ جو ناتو ڇني، اسان کي نرم ۽ آرامده وڇاڻن تان**

[1]... نُزهَةُ الْمجَالِس، جلد:1، صفحہ:217۔

**ڪٽي مٽيءَ جي هنج ۾ سمهاري ڇڏيندو.** هر طرح جي عيش و آرام وارن ڪمرن مان ڪڍي انڌيري قبرن ۾ پهچائي ڇڏيندو، پوءِ پڇتائڻ کان ڪجهه هٿ نہ ايندو. اجا موقعو آهي، گُناهن کان سچي توبہ ڪري وٺندا ۽ روزي ۽ نماز جي پابندي اِختيار ڪيو.

ڪرلے تَوبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی
قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی

## سڄي سال جون نيڪيون برباد

حضرت عبدُ اللّٰه ابنِ عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما کان مروي آهي تہ نبين جي سُلطان، رحمتِ عالم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: بيشڪ جنّت ماهِ رَمَضان لاءِ هڪ سال کان ٻئي سال تائين سجائي ويندي آهي، پوءِ جڏهن ماهِ رَمَضان ايندو آهي تہ جنّت چوندي آهي: اي اللّٰه پاڪ! مون کي هن مهيني ۾ پنهنجي ٻانهن مان (منهنجي اندر) رهڻ وارا عطا فرماءِ ۽ حُورِ عين چونديون آهن: اي اللّٰه پاڪ! هن مهيني ۾ اسان کي پنهنجي ٻانهن مان مڙس عطا فرماءِ، پوءِ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنهن هن مهيني ۾ پنهنجي نفس جي حفاظت ڪئي، نہ ڪا نشي آور شيءِ پيتي، نہ ڪنهن مؤمن تي ڪو بهتان مڙهيو ۽ نہ ئي هن مهيني ۾ ڪو گناهہ ڪيائين، تہ اللّٰه پاڪ هر رات جي بدلي ان جو نڪاح سؤ حورن سان فرمائيندو ۽ ان لاءِ جنت ۾ سون، چاندي، ياقوت ۽ زبرجد جو اهڙو محل ٺهائيندو، جو جيڪڏهن سڄي دنيا گڏ ٿي ان محل ۾ اچي وڃي تہ اها ان محل جي رڳو ايتري ئي جڳهہ والاريندي جيترو ٻڪرين جو هڪ واڙو دنيا جي جاءِ گهيريندو آهي ۽ جنهن هن مهيني ۾ ڪا

نَشو آور شيءِ پيتي يا ڪنهن مؤمِن تي بُهتان مڙهيو يا هن مهيني ۾ ڪو گُناه ڪيو تہ الله پاڪ ان جا هڪ سال جا اَعمال برباد فرمائي ڇڏيندو. پوءِ توهان ماه رَمَضان (جي حق) ۾ ڪوتاهي ڪرڻ ڪان ڊڄو ڇو تہ هي الله پاڪ جو مهينو آهي. الله توهان لاءِ 11 مهينا ڪري ڇڏيا تہ انهن ۾ نِعمتن مان لُطف اندوز ٿيو ۽ لذّت حاصِل ڪريو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ مهينو خاص ڪري ڇڏيو آهي. پوءِ توهان ماهِ رَمَضان جي مُعاملي ۾ ڊڄو.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو جتي ماهِ رمضان ڪريم جي تعظيم ڪرڻ وارن لاءِ اُخْروي اِنعامات ۽ ڪرامات جون خوشخبريون آهن اتي هن مبارڪ مهيني جي ناقدري ڪندي ان ۾ گناهَ ڪرڻ وارن لاءِ وَعيدون پڻ آهن.

## رمضان ۾ گناه ڪرڻ وارو

حضرت اُمّ هاني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهما کان روايت آهي، ٻنهي جهانن جي سلطان، محبوبِ رحمٰن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: منهنجي اُمّت ذليل ۽ رُسوا نہ ٿيندي جيستائين هو ماهِ رَمَضان جو حق ادا ڪندي رهندي. عرض ڪيو ويو: يا رسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! رمضان جي حق کي ضايع ڪرڻ ۾ انهن جو ذليل ۽ رُسوا ٿيڻ ڇا آهي؟ فرمايائون: هن مهيني ۾ انهن جو حرام ڪمن جو ڪرڻ، پوءِ فرمايائون: جنهن هن مهيني ۾ زِنا ڪئي يا شراب پيتو تہ ايندڙ رَمَضان تائين الله پاڪ ۽ جيترا آسماني فِرشتا آهن سڀ ان تي لعنت ڪندا آهن. پوءِ جيڪڏهن هي شخص ايندڙ رَمَضان شريف جي مهيني کي ماڻڻ کان اڳ ئي مَري ويو تہ ان وٽ ڪا اهڙي نيڪي نہ هوندي جيڪا ان کي جهنّم

[1]... معجم اوسط، جلد:2، صفحہ:414، حديث:3688۔

جي باھ کان بچائي سگھي. پوءِ توھان ماهِ رَمَضان جي معاملي ۾ ڏِجو چو تہ جيئن ھن مھيني ۾ ٻين مھينن جي مقابلي ۾ نيڪيون وڌايون وينديون آھن اھڙي طرح گناھن جو بہ مُعاملو آھي. (1)

## ناقدرُو! خبردار!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏکي وجو! ماهِ رَمَضان جي ناقَدري کان بچڻ جو خُصُوصِيَّت سان سامان ڪيو. ھن مبارڪ مھيني ۾ ٻين مھينن جي مقابَلي ۾ جنھن طرح نيڪيون وڌائي ڏنيون ويندئون آھن اھڙي طرح ٻين مھينن جي مقابَلي ۾ گناھن جون ھلاڪتون بہ وڌي وينديون آھن. رَمَضان ڪريم جي مھيني ۾ شراب پيئڻ وارو ۽ زِنا ڪرڻ وارو تہ اھڙو بد نصيب آھي جو ايندڙ رَمَضان کان پھريائين مري ويو تہ ھاڻي ان وٽ ڪا نيڪي اھڙي نہ ھوندي جيڪا ان کي جھنّم جي باھ کان بچائي سگھي. ياد رکو! اکين جي زِنا بدنظري، ھٿن جي زِنا اَجْنبيہ کي (يا شھوت سان اَمرَد کي) ڇُھڻ آھي لھٰذا خبردار! خبردار! خبردار! رَمَضان ڪريم جي مھيني ۾ خاص ڪري پنھنجي پاڻ کي بد نظري کان بچايو. ڪوشش ڪري اکين جو قفلِ مدينہ لڳائي وٺو يعني نگاھون جھڪائي رکڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪيو. افسوس! صد ھزار افسوس! ڪڏھن ڪڏھن نمازي ۽ روزيدار بہ ماہ رَمَضان جي بي حُرمتي ڪري قھّار جي غضب جو شِڪار ٿي عذابِ نار ۾ گرِفتار ٿي ويندا آھن.

[1]... معجم صغير، جلد:9، صفحہ:60، حديث:1488۔

# قبر جو خوفناڪ منظر!

هڪ ڀيرو مسلمانن جي چوٿين خليفي مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ زِيارَتِ قُبُور لاءِ ڪوفي جي قبرِستان تشريف ڪٽي ويا. اتي هڪ تازي قبر تي نظر پئي. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي ان جي حالت معلوم ڪرڻ جي خواهِش ٿي. جيئن ته بارگاهِ خُداوندي ۾ عَرض گُذار ٿيا: اي الله پاڪ! هن مَيِّت جون حالتون مون تي ظاهِر فرماءِ. الله پاڪ جي بارگاهه ۾ سندن التجا فوراً ٻڌي وئي ۽ ڏسندي ڏسندي سندن ۽ ان مُردي جي وچ ۾ جيترا پردا حائل هئا سمورا هٽايا ويا. هاڻي هڪ قبر جو خوفناڪ منظر سندن سامهون هو. ڇا ٿا ڏسن ته مُردو باهه ۾ گهيريل آهي ۽ رُوئي رُوئي ڪري پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان هن طرح فرياد ڪري رهيو آهي:

يَاعَلِیُّ! اَنَا غَرِیۡقٌ فِی النَّارِ وَحَرِیۡقٌ فِی النَّارِ

يعني اي مولا علي شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ! مان باهه ۾ ٻڏل آهيان ۽ باهه ۾ سڙي رهيو آهيان. قبر جي دَهشت ناڪ منظر ۽ مُردي جي درد ناڪ پُڪار حيدرِ ڪرّار رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي بي قرار ڪري ڇڏيو. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ پنهنجي رَحمت واري پروَردگار جي دربار ۾ هٿ ڪنيا ۽ نهايت ئي عاجِزي سان ان مَيت جي بخشش لاءِ درخواست پيش ڪئي. غيب مان آواز آيو: اي علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ! اوهان (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) ان جي سفارش نه فرمايو ڇوته هي شخص روزا رکڻ جي باوُجُود رمضان ڪريم جي بي حُرمتي ڪندو هو، رمضان ڪريم ۾ به گُناهن کان باز نه ايندو هو. ڏينهن جو روزو ته رکي وٺندو هو پر راتين جو گُناهن ۾ مُبْتَلا

رهندو هو. مَولا عليّ المُرتَضٰی شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هي ٻڌي وڏيڪ غمگين ٿي ويا ۽ سَجدي ۾ ڪري رَوئي رَوئي ڪري عرض ڪرڻ لڳا: اي الله پاڪ! منهنجي لڄ تنهنجي هٿ ۾ آهي، هن ٻانهي وڏي اُمّيد سان مون کي پُڪاريو آهي، منهنجا مالِڪ ڪريم! تون مون کي ان جي اڳيان رُسوا نہ فرماءِ، ان جي ٻي وسي تي رَحم فرماءِ ۽ ان کي بَخشي ڇڏ. حضرت علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ روئي روئي ڪري مُناجات ڪري رهيا هئا. الله پاڪ جي رَحمت جو درياء جوش ۾ اچي ويو ۽ آواز آيو: اي علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ! اسان توهان جي دل ٽٽڻ جي ڪري ان کي بخشي ڇڏيو. بهرحال ان مُردي تان عذاب کنيو ويو. (1)

کیوں نہ مشکل کشا کہوں تم کو!
تم نے بگڑی مِری بنائی ہے

## رمضان جي راتين ۾ رانديون

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان عبرت جو درس حاصِل ڪيو. افسوس! صد افسوس! رمضان ڪريم جي پاڪيزه راتين ۾ ڪيترائي نوجوان محلي ۾ ڪرڪيٽ، فُٽ بال وغيره جون رانديون ڪيڏيندا، خوب شور مچائيندا آهن ۽ اهڙي طرح هي بد نصيب پاڻ تہ عِبادت کان محروم رهندا ئي آهن، ٻين لاءِ بہ بي حد پريشاني جو باعِث بڻجندا آهن. نہ پاڻ عِبادت ڪندا آهن نہ ٻين کي ڪرڻ ڏيندا آهن. هن قِسم جون رانديون الله پاڪ جي ياد کان غافِل ڪرڻ واريون آهن. نيڪ ماڻهو تہ انهن راندين کان هميشہ پري ٿي رهندا آهن. پاڻ کيڏڻ تہ پري جي ڳالھ اهڙيون رانديون ۽ تماشا ڏسندا بہ ناهن

1... انيسُ الْواعِظِين، صفحہ:25-26۔

بلڪ هن قِسْم جي راندين جو اکين ڏٺو حال (Commentary) به ناهن ٻڌندا. تنهنڪري انهن حَرَڪتن کان هميشه بچڻ گهرجي ۽ خُصُوصاً رمضان ڪريم جا بابرڪت لَمحات ته هرگز هرگز اهڙي طرح برباد نه ڪرڻ گهرجن.

## روزي ۾ وقت گذارڻ لاءِ

ڪافي نادان اهڙا به ڏٺا ويندا آهن جيڪي توڙي جو روزو ته رکي وٺندا آهن پر پوءِ انهن ويچارن جو وَقت ناهي گذرندو. تنهنڪري اهي به اِحتِرامِ رَمَضان شريف کي هڪ طرف رکي حرام ۽ ناجائز ڪمن جو سَهارو وٺي وَقت گذاريندا آهن ۽ اهڙي طرح رَمَضان شريف ۾ شَطرَنج، تاش، لُڊّو، ڳائڻ وڄائڻ وغيره ۾ مشغول ٿي ويندا آهن. ياد رکو! شَطرنج ۽ تاش وغيره تي ڪنهن قِسم جي بازي يا شَرط نه به لڳائي وڃي ته به هي راند يون نا جائز آهن بلڪ تاش ۾ ڇو ته جاندارن جون تصويرون به هونديون آهن ان ڪري منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تاش کيڏڻ کي مُطلقاً حرام لکيو آهي.[1]

| | |
|---|---|
| گناہوں سے مجھ کو بچا یاالٰہی! | بُری عادتیں بھی چُھڑا یاالٰہی! |
| خطاؤں کو میری مٹا یاالٰہی! | مجھے نیک خَصلت بنا یاالٰہی! |
| مُطیع اپنا مجھ کو بنا یاالٰہی! | سدا سُنّتوں پر چلا یاالٰہی! (2) |

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي، رمضان ڪريم اچي رهيو آهي، الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان تائين پهچڻ به نصيب ڪري ۽ هن مبارڪ مهيني جي قدر ڪرڻ جي به توفيق نصيب فرمائي. يقينن خوش نصيب اهو آهي جيڪو ماهِ رمضان کي ماڻي ۽ ان جي صدقي پنهنجي

1... فتاویٰ رضويه، جلد:24، صفحه:141.
2... وسائلِ بخشش، صفحه:100.

مغفرت ڪرائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ۽ جيڪو هن مبارڪ مهيني ۾ به پنهنجي بخشش نه ڪرائي سگهي، يقين مڃو! اهو تمام گهڻو محروم ۽ بدبخت آهي.

الٰہی پُل صراط اِک پَل کے اندر پار کر جاؤں
تو کر ایسی عنایت از پئے شاہِ حرم مولٰی
میں رحمت، مغفِرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں
مہِ رمضان کے صدقے میں فرما دے کرم مولٰی( 1 )

مون هاڻي جيڪي روايتون ۽ سبق آموز واقعا اوهان جي سامهون پيش ڪيا، اهي سڀ شيخ طريقت، امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي تمام پياري ڪتاب فيضانِ رمضان مان حاصل مواد آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! فيضانِ رمضان تمام ناياب ڪتاب آهي، هن موضوع تي اُردو ۾ ايتري مفيد ۽ جامع ڪتاب شايد ئي ملي سگهي ۞رمضان ڪريم ڪي سنتي انداز ۾ گذارڻ، ۞ روزي جي ظاهِري ۽ باطني آداب جاڻڻ لاءِ ۽ ۞ تمام گهڻيون اهڙيون غلطيون جيڪي عام طور تي ماڻهو روزي جي حالت ۾ ڪري رهيا هوندا آهن، جنهن سبب روزا برباد ٿيندا آهن، اهڙين غلطين جي متعلق شرعِي مسئلا سکڻ لاءِ فيضانِ رمضان تمام اعليٰ ڪتاب آهي، مڪتبةُ المدينہ کان هي ڪتاب طلب فرمايو! يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت ڊائونلوڊ ڪريو! گهر ۾ رکو! پاڻ به پڙهو! گهر وارن کي به پڙهڻ جي ترغيب ڏياريو بلڪ بهتر ٿيندو ته گهر ۾ هن ڪتاب جو درس ڏيو! اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيْم! ۞ تمام

[1]... وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

گهڻو عِلمِ دين بہ سکڻ جي لاءِ ملندو ۞ دِيني دَرْس ڏيڻ جو ثواب بہ نصيب ٿيندو ۞ گهر وارن جي اِصْلاح جيڪا اسان سڀني جي ذِمِيداري آهي، هي ذِميداري نڀائڻ بہ نصيب ٿيندي ۽ ۞ الله پاڪ چاهيو تہ رمضان شريف جو پيارو مهينو خوب سٺي انداز ۾ گذارڻ بہ نصيب ٿي ويندو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود و سلام موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُلِلّٰه! دَعْوَتِ اسلامي جي آءِ ٽي ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ٿي چڪيون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي: درود و سلام (Durood-o-Salam) ۞ هن درود و سلام ايپلي ڪيشن ۾ دلين کي روشن ڪرڻ وارا 6 درود شريف موجود آهن جن کي توهان ڪنهن بہ وقت پڙهي سگهو ٿا ۽ انهن کي پنهنجي موبائل اَن لاڪ ٽيون (Unlock Tune) جي طور تي سيٽ ڪري سگهو ٿا ۞ توهان پاٽمرادو (Automatics) درود پاڪ پڙهڻ جو انتخاب ڪندا، تہ فون کولڻ تي هي پاٽمرادو هلي ويندو ۞وڏيڪ اهو درودِ پاڪ توهان جي موبائل اَن لاڪ ٿيڻ سان گڏ ئي هوم اسڪرين تي بہ نظر ايندو، جنهن جو فونٽ سائيز بہ ايڊجسٽ ڪري سگهجي ٿو ۞آواز جي (volume) کي ايڊجسٽ ۽ توهان پنهنجي مرضي سان سيٽ ڪري سگهو ٿا ۞ جڏهن بہ توهان موبائل فون کوليندا آهيو تہ توهان جي فون جي اسڪرين تي درود شريف ظاهر ٿيندو آهي ۽ فوري طور تي درود ڪائونٽر ۾ محفوظ ٿي ويندو آهي.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي هڪ شرعِي مسئلو عرض ڪريان ٿو

## درست ڇا آهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ موجود غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: آمدِ رمضان تي مبارڪ ڏيڻ جائِز آهي پر ان تي جنّت واجب ويندي آهي، ايئن ڪنهن حديث ۾ ناهي.

وضاحت: عام طور تي جڏهن رمضان ڪريم جي آمد ٿيندي آهي ته اسان وٽ هڪ ميسج سوشل ميڊيا وغيره تي هلڻ لڳندو آهي، جنهن ۾ ڪجهه اهڙي طرح لکيل هوندو آهي: حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن سڀ کان پهرين آمدِ رمضان جي مُبارَڪ ڏني، ان لاءِ جنّت واجب ٿي ويندي آهي.

ياد رکو! رمضان ڪريم بيشڪ تمام عظمت وارو مهينو آهي، ان جي آمد تي خوشي ملهائڻ به جائِز آهي، پين کي مبارڪ ڏيڻ به جائِز آهي، هن خوشي تي ثواب جي اُمّيد به ڪري سگهجي ٿي ۽ اهو به ممڪن آهي ته اسان جي اهڙي طرح رمضان شريف جي اچڻ تي خوشي ڪرڻ سان رحمتِ اِلٰهي جوش ۾ اچي وڃي ۽ اسان جنّت جا حقدار بڻجي وڃون. البت! هي جيڪو ميسج ۾ لکيل هوندو آهي ته سڀ کان پهرين مُبارَڪ باد ڏيڻ سان جنّت واجب ٿي ويندي آهي، ايئن ڪنهن حديث ۾ ناهي. تنهنڪري اهڙن ڪوڙ تي ٻڌل ميسجن کي اڳتي وڌائڻ کان بچو ۽ جيڪو توهان کي اهڙو ميسج موڪلي، ان کي پيار محبت سان، حڪمتِ عملي سان نيڪي جي دعوت به ضرور ڏيو! بلڪ ٿي سگهي ته اهڙين ڳالهين جي ڀرپور ڪاٽ ڪرڻ گهرجي. حديثِ پاڪ

۾ آهي، اسان جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ كَذَبَ عَلَيَّ مُتَعَمِّدًا فَلْيَتَبَوَّأْ مَقْعَدَهٗ فِي النَّار جنهن مون تي ڄاڻي واڻي ڪوڙ هنيو (مثلاً حُضُور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪا ڳالهه نه فرمائي هئي ۽ چئي ڏنو ته هي پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حديث آهي) ته اهڙو ٻانهو پنهنجو ٺڪاڻو جهنّم ۾ بڻائي وٺي.[1] الله پاڪ اسان کي دُرست اسلامي اَحڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَسماءُ الحسنٰي جي برڪتون (وظيفو)

### يَاقَادِرُ

جيڪو به وُضو جي دوران هر عضو کي ڌوئيندي يَاقَادِرُ پڙهڻ جي عادَت بڻائي وٺي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! دشمن ان کي اغوا (Kidnap) نه ڪري سگهندو.[2] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] بخارى، كتاب العلم، باب اثم من كذب على النبى صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم، صفحه:102، حديث:107۔

[2] مدنى پنج سوره، صفحه: 255۔